SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIII مجريه 2002

# SINDH ORDINANCE NO.XXIII OF 2002

## سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 2002

## THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVELEGES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي ايڪٽ VIII جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Act VIII of 1975

3. 1975 جي ايڪٽ VIII جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Act VIII of 1975

4. 1975 جي ايڪٽ VIII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Act VIII of 1975

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIII مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXIII OF 2002

# سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVELEGES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[15 جولاءِ 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائسونسز ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين ڊسمبر 2001 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1975 جي ايڪٽ VIII جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Act VIII of 1975

2. سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ب ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 5 ۾، لفظن "ايڪويهہ هزار" لاءِ لفظن "ٻتيهہ هزار" ۽ لفظن "ارڙهن هزار" لاءِ لفظ "ستاويهہ هزار" متبادل ٿيندا.

1975 جي ايڪٽ VIII جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Act VIII of 1975

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) جتي هڪ وزير کي سرڪاري رهائشگاهہ نہ ڏني وڃي يا اهو پنهنجي گهر يا نجي رهائشگاهہ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏئي تہ ان کي ماهوار 35 هزار رپيا ادا ڪيا ويندا، ان سان گڏ ڪيس فقط هڪ دفعو گهر ڏيڻ لاءِ ست هزار رپيا ڏنا ويندا، پوءِ اهو وزير مقرر ٿيو آهي يا اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر طور اسيمبلي جي مدي دوران ڏهين مارچ 1985 کانپوءِ چونڊيو ويو آهي، يا نئين اسيمبلي جي چونڊ ۾ چونڊيو ويو آهي."

1975 جي ايڪٽ VIII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Act VIII of 1975

4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 10 ۾، لفظن "چار سئو ۽ پنجاهہ" لاءِ لفظ "پنج سئو ۽ پنجاهہ" متبادل ٿيندا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**